عبدالستار پيرزادو

# ميران ٻائيءَ جو ڀڳتي شاعريءَ ۾ مقام ۽ وائي

***Abstract:***

*Miran Bai is a well-known poetess of Baggati Tahreek of medieval period of India. She mostly wrote `Bhujjans` for the love of Kirshana. She not only wrote but sung her poetry as well. Her poetry was composed on Indian scales of `Chhand Vidia`, which are very rhythmic.*

*In Sindhi Literature and music there is a genre called `Vaaee`.There are various point of views regarding origin of Vaaee i.c is some scholars believe that its originator is Khuwaja Ghulam Fareed, whereas others connect it's origin with Shah Inayat Rizvi.*

*In this research paper I have tried to trace out the origin of `Vaaee` in the poetry of Miran Bai`s Bhujjans.*

**هندوستان** جي سرزمين شاعراڻي ادب جي لاءِ ڏاڍي زرخيز رهندي پئي آئي آهي. جڏهن هند جو ورهاڱو اڃا نہ ٿيو هو ۽ سنڌ بہ ان جو لاڳاپيل ملڪ هو، انهن ڏينهن ۾ سنڌ جون سرحدون هند جي راجستان سان ملنديون هيون. راجستان ۾ ڳالهايون ويندڙ راجستاني ٻوليون، مارواڙي، ڍاٽڪي، پارڪري ۽ گجراتي، سنڌي ٻوليءَ سان ملندڙ جلندڙ ٻوليون آهن، جڏهن تہ ڪن ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهي پڻ سنڌي ٻوليءَ جا لهجا آهن. انهيءَ راجستان جي ميواڙ جي پرڳڻي، ۾ هڪ اهڙي شاعره جنم ورتو، جنهن اڳتي هلي، ميران ٻائيءَ جي نانءَ سان شهرت ماڻي. "سندس جنم رتن سنگهہ جي گهر، جيڪو ميڙتا جي راجا راؤ دودا جوننڍو پٽ هو، گهر ۾. "ميران جو ميڙتا جي هڪ ڳوٺ ڪڙڪيءَ ۾ ١٤٩٨ع ۾ جنم ٿيو هو. جا ان وقت راجستان جي هڪ آزاد ۽ زبردست رياست هئي. ميران ٻائيءَ جو والد راؤ دودا جي ننڍين پٽن مان هڪ هو. تنهن ڪري هو ميڙتا ۾ صرف ٻارنهن ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن جو سردار هو."(١) ميران ٻائي جيئن تہ راؤ گهراڻي سان تعلق رکندڙ هئي، "تنهن ڪري ٻالجتيءَ کان ئي سندس راڄنيتڪ ريتن رواجن موجب کيس ويد، پراڻ وغيره، تير ۽ تلوار وغيره، هٿيار هلائڻ جي بہ سکيا ڏني وئي هئي."(٢) جيڪا هن پوري ڌيان سان حاصل ڪئي ۽ ان ۾ مهارت حاصل





ڪيائين، ان تعليم ۽ تربيت سان گڏوگڏ ميران ٻائي روپ ۾ پڻ سندر هئي ۽ سندس آواز ۾ ميٺاج سمايل هو. هوءَ ارادي جي پڪي ۽ پاڻ ۾ پختو ويساهہ رکندڙ اڏول بي خوف هئي.

ميران ٻائي هڪ تہ سندر مُکي، وڏ گهراڻي ۽ وري مٿس والد ۽ ڏاڏي جي مهر هن کي تنهان ئي ارادي جي سگهہ عطا ڪئي، پر چوندا آهن تہ هيري جي چمڪ هيري کي نيٺ نکاري نروار ڪري ڇڏيندي آهي، تنهن ڪري "ميواڙ جي راڻي سنگرام سنگهہ پنهنجي وڏي پٽ راجڪمارڀوڄراج لاءِ، ميران جي ڏاڏي راؤ دودا جي اڳيان وواهہ جي خواهش ظاهر ڪئي، جنهن خوشيءَ سان قبول ڪئي. پررتن سنگهہ جڏهن ميواڙ جي گاديءَ تي ويٺو تہ هن جي "ڌرمي شغلن،پاٺ، پوڄا ۽ ارتيءَ جو سخت مخالف هو."(٣) جڏهن تہ ميران ٻائي "اجهل، اروڪ، بپرواهہ، پيار جو جيءَ کي شينهن جهڙو نڏر، بيخود، طاقت ور ۽ مست ڪيو ڇڏي" ميران کي بہ ڪرشن مورتيءَ جي پيار اها ڪيفيت عطا ڪري ڇڏي هئي، جا هن کي هڪ سنت ويندي وقت ڏئي ويو هو. ان وقت ميران جي عمر ڪافي ننڍي هئي ۽ اڃا مڱڻو ئي مس ٿيو هوس جو سندس ڏاڏو جيڪو کيس بيحد پيار ڪندو هو ۽ کيس ماءُ پيءُ جيان پاليو نپايو هئائين، کيس تعليم ۽ سکيا ڏيارڻ ۾ سندس پورو هٿ هو، لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن جو ميران جي زندگيءَ تي ڪافي اثر پيو، تنهن هوندي بہ وچن جي رکيا ڪندي نيٺ ميران جي شادي ١٥١٦ع ۾ وڏي ڌوم ڌام سان ڪئي وئي. ان وقت سندس عمر ارڙهن ورهيہ هئي. کيس ڏيجڏيوڻ سون رپي سان گڏ، قيمتي ڪپڙن کان سواءِ ڪيترن ڳوٺن جي آمدني پڻ هن جي نالي ڪئي وئي.

ميران جيئن تہ روپ سان گڏوگڏ تعليم ۽ تربيت،تير اندازي ۽ تلوار بازيءَ ۾ بہ ماهر هئي، اهڙيءَ حالت ۾ منجهس مستقبل ۾ ميواڙ جي مهاراڻي بڻجڻ جون سموريون خوبيون موجود هيون. پر 'بندي جي من ۾ هڪڙي، ٻي جا ڪري صاحب' ، جي مصداق ، ميران جو پتي راڄڪمارڀوڄراج هڪ سندر جوان ۽ جنگي جوڌو هو، جيڪو ڪيترين لڙايون لڙي،ان ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاري چڪو هو، شاديءَ کان پوءِ فقط ڏهن ورهين جي عرصي ۾ راجڪمارڀوڄراج جو سن ١٥٢٦-١٥٢٥ع ۾ لڙائيءَ دوران لاڏاڻو ٿيو ۽ ميران وڌوا ٿي وئي پر ميران کي هر سال ٽن لکن جي آمدنيءَ واري جاگير



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏني وئي تنهن ڪري هن ڪي پئسي پنجڙ جي ڪا به لوڙ نه هئي.

”پتيءَ جي موت جي ڇهن مهينن کان پوءِ ميران کي ٻه ٻيا صدما به رسيا. سن ١٥٢٧ع ۾ ڪانوا جي لڙائيءَ ۾ راڻي سانگا طرفان بابر سان لڙائي ڪندي، سندس والد جو سرڳواس ٿيو ۽ راڻو سانگا جنهن ميران جي جيون ۾ ڏاڍي راؤ دودا جو استان ورتو هو، لڙائيءَ ۾ گهڻو گهايل ٿي پيو ۽ ڪجهه مهينن ۾ راج درٻارين منصوبو جوڙي ڪيس زهر ڏئي ماري ڇڏيو.“[٤]

ان صدمي ميران ٻائيءَ جي زندگيءَ تي بيحد برو اثر ڇڏيو، جنهن ڪري ڪيس هي سنسار بي بقا سمجهه ۾ اچڻ لڳو ، تنهن ڪري هن جي اندر ۾ سمايل ڀڳتي سوچ اُسرڻ لڳي، جيڪا هن تعليم ويدن ۾ پرائي هئي، اها سندس سوچ تي حاوي ٿيڻ لڳي، تنهن ڪري هوءَ ساڌن سان ملڻ جلڻ ۽ انهن کي ٻڌڻ پسند ڪرڻ لڳي، پر خانداني ۽ راجائي رواج مطابق اها ڳالهه ڪنهن به حالت ۾ درست نه هئي، تنهن ڪري ميران ٻائيءَ کي اهڙي ميل جول کان جهل پل ڪئي وئي، پر جيئن ته هاڻ ميران جي اندر ۾ پريوءَ جي چٽنگ، پيڙ تي وئي هئي، انهيءَ ذهني تبديلي ۽ اندر ۾ پريوءَ لاءِ سمايل اٿاهه پيار ميران ٻائيءَ کي سنت رويداس ڏانهن وني ويو، جيڪو پنهنجي گذران لاءِ موچڪو ڪم ڪندو هو. جڏهن اها خبر ميران جي ڏيرن کي پئي، ته هنن ڪيس سمجهائڻ جي ٻي حد ڪوشش ڪئي. سندس نڙان اُوداٻائيءَ پڻ ميران ٻائيءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اها به ڪيس سنت رويداس ڏانهن وڃڻ کان پلي نه سگهي. ان دوران ميران ٻائي سنت رويداس کان سرت شبد يوگ (اسم اعظم) جي بخشش حاصل ڪري ورتي. ان شبد وٺڻ کان پوءِ ميران جي اندر ۾ پريوءَ لاءِ پريم گهري شخصي سوچ وسيلي اصلي روپ وٺڻ لڳو. چاڪاڻ جو انسان لاءِ اندر ۾ وڃڻ جي ڪنجي ستگرو (سچي مرشد) جي ئي هٿ ۾ آهي. ”سنت رويداس يا رئداس ، ڀڳت ڪبير ١٣٩٨-١٥١٨ع جو شاگرد (چيلو) هو. سندس عمر ١١٨ سال هئي.“[٥] ميران سندس دؤر ۾ ٤٢-٤٣ ورهين جي هئي. ڪجهه ليکڪن جو چوڻ آهي ته، ميران ٻائيءَ جو ڪو گرو ڪونه هو، پر، ”ميران ٻائيءَ پنهنجي ڪجهه پدن ۾ گرو رويداس جو ذڪر ڪيو آهي.“[٦]

نهين مئن ساسري، نهين پيا جي ري ساٿ،
ميرا ني گوبند مليا جي، گرو مليا رويداس.
(ميران برهت پدلاولي ڀاڳو ٢، ص:٢٠١)





انهيءَ ڳالهه چتوڙ جي راج درٻارين ۽ ڪٽرپنٿين جي ڪاوڙ ۾ اضافو ڪيو ۽ ميران ٻائيءَ تي سختين جا زنجير وڌا ويا، چاڪاڻ جو متڀيد ۽ ذات پات ۾ وشواس رکندڙ، ميواڙ جو راڻو ۽ سندس ڪٽنب جا ماڻهو اهو برداشت ڪري نه سگهيا، ته ميران رويداس چمار وٽ اچي وڃي، اهو هنن پنهنجي مان شان ۽ راجنيتي اڊمبر جي خلاف ميران جو قدم ڪٽڻ تي چاتو. چاڪاڻ جو ميران جو ڏير، راڻو رتن سنگهه ، ميواڙ جو راڻُوڪروڏي سپاءَ وارو هو. تنهن ڪري هن تي سختي ڪئي وئي، ۽ چوڪسي بيهاري وئي، جنهن ڪري ميران جو من اداس ٿي ويو. هوءَ هر وقت پنهنجي شبدن ۾ مگن ۽ گروءَ جي ملڻ جي آس دل ۾ سانڍي رهندي هئي. ان حد تائين جو هوءَ گروءَ کان به پاسيري ٿي وئي، پر ڪيس انهن ڳالهين کان به روڪيو ويو.

ميران پنهنجي گروءَ سان زندگيءَ ۾ صرف ٽي يا چار ڀيرا ملي سگهي هئي، تنهن ڪري ڪيس گروءَ سان ملڻ جي خواهش هميشه ستائيندي رهندي هئي. اهو ئي سبب آهي جو ميران پنهنجي ڪلام ۾ گرو رويداس سان ملڻ جو ذڪر ڪندي رهي آهي. راڻو رتن سنگهه، پنهنجي مامي سورج مل کي قتل ڪرڻ جي ارادي ۽ ڪوشش ۾ پاڻ ١٥٣١ع ۾ مري پيو. تنهن هوندي به، ميران سان ظلم زيادتيءَ ۾ ڪا به گهٽتائي نه آئي، چاڪاڻ جو راڻو وڪرمادتيه پنهنجي درٻارين ۽ پنڊتن جي چوڻ تي ميران جو ويري بڻجي پيو، ان دوران پوڄارين ۽ درٻارين جي صلاح سان ميران کي زهر ڏئي مارڻ جي سِٽ سِٽي وئي. ڪيس سون جي پيالي ۾ زهر موڪليو ويو، ته هوءَ پي وڃي، راڻي چاتو ته پڪ هوءَ مري وئي هوندي، تنهن ڪري پنهنجي ڪارندن کي چيائين ته، ميران جو مڙهه ڪٽي جهنگل ۾ اڇلائي اچو، پر جڏهن اهي ميران وٽ پهتا، ته ڏسي حيران ٿي ويا، جو ميران روحاني مستيءَ ۾ ڀڄن ڳائي رهي هئي.

”هڪ روايت آهي ته، اڪبر بادشاهه ويس بدلائي، دربار جي مشهور ڳوئي تانسين سان گڏجي، هن کي ڏسڻ ۽ هن جي ڀڳتيءَ جا گيت ٻڌڻ لاءِ چتوڙ آيو هو.“[٧]

ميران جي زنده هجڻ تي راڻي وڪرم کي غصو آيو، تنهن ڪري هن ميران ٻائيءَ کي مارڻ جي ”ٻي چال ڪيڏي، هن ڀيري انهن هڪ زهريلي نانگ کي زيورن جي دٻليءَ ۾ وجهي موڪليو ۽ چورائي موڪليو، ته هي راڻي طرفان هڪ قيمتي هار سوکڙيءَ طور موڪليو ويو آهي.“[٨] انهيءَ آزار جو ميران ٻائي پنهنجي پدن ۾ ذڪر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪيو آهي.

پيتيا باسڪ ڀيجيو، ڀوڇي موتيڙان رو هار،
نانگ گلا ۾ پهريو، مهاري محل ڀيو اجيار.
يا
سانپ پٽارو موڪليو، دو ميران ڪي هاٿ،
ڪول پٽارو ديکيو، هو گيو نوسر هار.
(ميران سدا سندتو ، ص:٢٨٢)

تنهن هوندي به ميران هنن کي ڪجھ نه چيو ۽ نه ئي ڪڏهن راڄ ۾ دخل اندازي ڪئي. نيٺ ميران بهادر شاھ جي حملي کان پهرين ئي چتوڙ ڇڏي هلي وئي. هن شاهي لباس لاهي ڦٽو ڪيو، گيڙو ويس پهري ، يڪتارو هٿ ۾ ڪٽي، ڀڳتن جيان ڪرشن جا، پريو گرڌر ناگر جا ڀڄن ڳائيندي، پاڻ سنيالبندي، گهاٽ گهاٽ ڦرندي ڦرندي، هوءَ ميڙتا پهچي وئي. چاڪاڻ ته ميڙتا ۾ راؤ وير مديو ميران کي ڏيءُ جيان تاتيو پاليو هو، پر سماجي ڌرمي ۽ ڪٽنبي رڪاوٽن جي ڪري هو پنهنجي ڀائٽيءَ جو پرجهلو بڻجي رهڻ کان ڪيٻائڻ لڳو، جنهن جي ميران کي به ڄاڻ هئي ۽ هن ماٺ ميٺ ۾ ميڙتا کي به ايئن ڇڏيو، جيئن هن چتوڙ ڇڏيو هو.

ميران گهمندي ڦرندي نيٺ وڃي بندرا بن نڪتي ۽ اتي هوءَ ڪرشن مندر ۾ جيوگوساميءَ سان گڏجڻ وئي، هن ميران سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جيئن ته هو ڀڳوان ڪرشن جي گوپي ڀاوَ سان پوڄا ڪندو هو. تنهن ڪري ان سنسار ۾ صرف ڪرشڻ کي ئي مرد ڄاتو ويندو هو، باقي سڀ ڀڳت (مرد يا عورت) گوپيون چوائيندڙيون هيون. جڏهن جيوگوساميءَ کي ٻڌايو ويو ته هڪ عورت هنن سان ملڻ چاهي ٿي ته هن ايئن چئي انڪار ڪيو ته، ”هن جي پرتگيا (عورت سان ملڻ جو روزو) هو ڪنهن به استريءَ جو مک نه ڏسندو.“[٩]

ميران: جيوگوساميءَ کان عمر ۾ ته ننڍي هئي، پر هن کان ڀڳتيءَ ۾ گهڻي اڳري هئي. ميران گوپي ڀاوَ جو سهارو وٺي ڪيس چوائي موڪليو ته، ”مان ته سمجهندي هئس ته بندرابن ۾ صرف ڪرشڻ ئي پُرش (مرد) آهي، پر هن کي ٻڌي تعجب ٿيو آهي، ته هتي هڪ ٻيو به پرش (مرد) آهي.“





جڏهن ميران ٻائيءَ پاران گوپي ڀاءُ، گو ساميءَ کي ٻڌايو ويو ته ڪيس اصل حقيقت منڪشف ٿي ۽ هن ڪرشن ڀڳتڻ ميران ٻائيءَ کي ڪرشن مندر ۾ رهڻ جي اجازت ڏني.

ميران ٻائي بندرابن ۾ به گهڻو وقت نه ترسي. هوءَ ڀارت جا تيرٿ ۽ ڌرمي جڳهون ڏسندي، اچي گجرات پهتي. گجرات اچڻ جو هڪڙو مقصد اهو چيو وڃي ٿو، ته هوءَ پنهنجي گرو رويداس سان ملڻ وئي هئي، جو گهڻو ڪري هو انهن ڏينهن ۾ اتي ئي موجود هو، تنهن ڪري ميران گجرات ۾ گهڻو ئي وقت گذاريو. ان دوران چتوڙ نهايت مشڪلاتن ۾ ڦاٿل هو، بهادر زالن ۽ مردن جي هڪ پيڙهي، لڙائيءَ ۾ پنهنجا پراڻ ڏيئي چڪي هئي. ان ۾ راڻو رتن سنگھ به مارجي ويو هو.

چتوڙ جي نئين راڻي اُدئي سنگھ ڪجھ براهمڻن کي ميران کي پرچائي وٺي اچڻ لاءِ دوارڪا موڪليو، جو هوءَ ان وقت اتي ترسيل هئي. براهمڻن گهڻئي جتن ڪيا، پر جڏهن اهي سڀ بي سود ويا ته هنن ’مرڻ برت‘ (موت تائين روزو) رکيو ته جيسين ميران هلڻ جي حامي نه ڀريندي، تيسين هو اناج کي هٿ نه لائيندا. ”ٻئي ڏينهن ميران مجبور ٿي دوارڪا ديش مندر ۾ پرارٿنا ڪرڻ وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن مندر جو دروازو کليو ته ميران اتي ڪانه هئي. صرف سندس رئو مورتيءَ جي هٿ ۾ لٽڪي رهيو هو، اهو سمجهيو ويو ته ميران ڪرشڻ جي مورتيءَ ۾ سمائجي وئي.“[١٠] سندس غائب ٿيڻ جو سن ١٥٤٦ع هو ۽ ان وقت سندس عمر ٤٨ سال چئي ٿي وڃي.

ميران جڏهن گهر، راڄ، ماتا پتا، ڀاءُ ڀيڻ سڀ ڇڏي، گيڙو ويس پائي، يڪتارو هٿ ۾ ڪٽي نچندي ۽ پختي ارادي سان پريو، پائڻ لاءِ سنساري سارا سانگ تياڳي نڪتي ته هن جي اندر جيڪو پريوءَ لاءِ پريم، ڪرشڻ سان ملڻ جي خواهش، هن جي واتان ، اندر مان اڌما ڏئي ڪي شبد نڪرندا هئا، جيڪي گيت ٻٽيا ، کي نظم ٻٽيا ۽ کي وري ’وائي‘ جو گهاڙيتو وٺي بينا. چاڪاڻ ته ميران تي ويدن ۽ پراڻن جي تعليم پرائيندي جيڪو اثر ٿيو هو، ان کي جڻ اپٽار جي واٽ ملي وئي، پر هن ڪڏهن به ڪي شڪايتون يا ڪي ڏک ڏوراپا، پنهنجي ساهرن جي ورتاءَ يا سندس چاچي جي آخري رويي جي ڪري نه ڏنا. هن جي اندر ۾ جيڪو ڪرشڻ پريم جو سمنڊ چوليون هڻي رهيو هو، ان جي هر اُپار سان ڪرشڻ پريم، ساڻس ملڻ جي اڇا (خواهش) گيتن ۽ ڀڄنن جي انداز ۾ نڪرندا هئا. جيڪي وڏي تعداد ۾ موجود آهن ۽ ڪرشڻ ڀڳت يا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گوپيون اڄ به اچاريندا ۽ ان سان پاڻ کي سلهاڙيندا رهندا آهن. ميران هميشه اهو سمجهندي هئي، ته سندس پريو ڪانئس رسي ويو آهي ۽ هوءَ ڪيس ريجهائڻ لاءِ اهي جتن ڪري رهي هئي:

"لگ رهنا، لگ رهنا، هري پڇن ۾ لگ رهنا."

نام دان جي ورد ۽ ڌيان گيان کان پل به واندو رهڻو ناهي، ڇاڪاڻ جو هن جو خيال آهي ته:

صاحب ڪا گهر دور هئهي، جيسي لنبي ڪجور،
چڙهي سو چاکي پريم رس، پڙي ته چڪنا چور.
(ميران سڌا سندو، ص:٥٠٧)

(صاحب (ڪرشن) جو آستانو ايترو پري آهي، جيئن وڻن ۾ ڊگهي ڪجي. جيڪو چڙهي وڃي ته ڦل کائي (ملاقات جو لطف حاصل ڪري) ۽ جي ڪري پئي ته چڪنا چور ٿي وڃي.)

اهڙو ساڳيو خيال هند جي هڪ ٻئي مهان ڪوي تُلسي داس جو پڻ دوهو آهي :

تُلسي ايسي پريت نہ ڪريجي، جي سي لمبي ڪجور،
ڌوپ لگي تي ڇانوَن نهين، بوک لگي ڦل دور.

پريوءَ کي پرچائڻ لاءِ پريوءَ کي وسارڻو نہ آهي، انهيءَ ڪري هن جيڪي ڪجهه ڳايو، حقيقت ۾ پريوءَ کي پائڻ جو جتن هو. باقي اسين سندس شبدن يا ڇيل ٻولن جي ڪٿا ڪندي، اهو چئي سگهون ٿا ته، ميران ٻائيءَ کان اڳ هند جي ڪوين جيڪا مهما ڳائي، ميران جا ورلاپ ڪانئن نرالا هئا." ناڀاداس جي سترهين صديءَ ڌاري جوڙيل 'ڀڪت مال' ۾ ميران ٻائيءَ جي حياتيءَ جو مکيہ احوال ملي ٿو. ان پُستڪ ۾ ٻن سون مشهور سنتن ۽ ڀڳتن جو احوال درج ٿيل آهي، جن مان ڪيترا ئي ميران ٻائيءَ جا همعصر به هئا."(١١) ڪويسورداس، ڪبيرداس ١٣٩٨-١٥١٨ع دادو ديال ، تُلسي داس جو سچو ڪلام دوهرن، سورٺن يا نظمن ۾ آهي. ميران ٻائي جيئن ته جت ڪٿ پاڻ ڳائيندي هئي، ته هن جي شاعري نظم، گيت ۽ منهنجي نظر ۾ ڪي 'وايون' پڻ ڇيل آهن. سندس شاعريءَ جو ڪتاب سڄي جو سڄو ته مون کي نہ مليو آهي، پر سردار جعفريءَ 'ميران، پريم ديوانيءَ' ۾ هن جا ڏيڍ سئو پڇن ڏنا آهن ۽ انهن جي اردو نثر ۾





وضاحت به ڪئي آهي، جن مان مون ١٣٠ پڇن ترجمو ڪيا آهن. سندس شاعراڻين صنفن جي باري ۾ ڪتاب جو مهاڳ لکندڙ ڊاڪٽر صفدر آهہ سيتا پوري به خاموش ٿو نظر اچي. مان سمجهان ٿو ته شاهه عنات رضويءَ کان ميران ٻائيءَ اڳ ۾ 'وائي' لکي آهي، جيڪا مان هتي پيش ڪرڻ گهرندس.

مين گرڌر رنگ راتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
پنچ، رنگ چولا ڦر سکي! مين جهرمٽ کيلن جاتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
او جهرمِت مان مليو سانورو، کول ملي تن گاتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
جن ڪا پيا پرديس بست هي، لِک لِک ڀيجي پاتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
ميرا پيا ميري هِيا بست هي، نا کهون آتي جاتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
چندا جائيگا، سورج جائيگا، جائيگي ڌرتي اڪاسي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
پون پانيدونون هي جائينگي، اٽل رهي اوناشي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
مُرتبُرت ڪا دِولوسجولي، منسا ڪي ڪرلي باتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
اگمذاني ڪو تيل بنايو، بال رهي دن راتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
اور سکي مڌپي پي ماتي، مين بن پيان هي ماتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
پريم ڀٽي ڪومين مڌ پيو، چکي پرون دن راتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
جاؤن نہ پيهر، جاؤ ن نہ ساسر، هري سون سين لگي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ميرا کي پرڀوگرڌرناگر، هريچرنا چت لاتي، سيان!
مين گرڌر رنگ راتي.
(ميرا پريم ديواڻي، ڀڄن : ٨٢، ص :١٨٥)

مون هي تہ هڪڙو مثال ڏنو آهي، پر هن ئي ڪتاب ۾ سڀ کان وڌيڪ صنفون جيڪي آهن، انهن مان 'وائي' هيءَ هڪڙي نہ آهي. هن ڪتاب ۾ ٻيون 'وايون' بہ آهن. ڊاڪٽر صفدر آهہ سيتاپوري، پنهنجي مهاڳ 'ميران ٻائي' ۾ لکي ٿو. "ميران جي ڀڳتيءَ جون ڪهاڻيون ۽ سندس چاشنيدار ڀڄن عوام جي زبان تي اچي چڪا هئا. ان حد تائين جو گرو نانڪ جي گرنٿ صاحب ۾ بہ ميران جا ڀڄن شامل ٿي چڪا هئا."(١١) اڳتي هلندي ساڳئي مهاڳ ۾ لکي ٿو: "ميران جي شاعري ڪنهن ڪوئل جي ڪوڪ، ڪنهن بلبل جو گيت ۽ ڪنهن سريلي ساز جو نغمو آهي، جيڪو پڙهندڙن جي دل ۾ ڪپي ٿو وڃي. سندس گيت جادوئي اثردار ڇو آهن؟ ان جو اهم سبب هي آهي تہ، گيت جي عشقيہ شاعري عورت پاران مرد لاءِ آهي ۽ ميران پاڻ عورت هئي."(١٢)

هاڻ اچون ٿا، سندس صنفي شاعريءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ . هونءَ تہ اڪثر ڀڄن نظم جو هڪجهڙو ئي گهاڙيٽو آهي، جيڪي اسان جي سنڌي صنف 'مدح' ۽ 'حمد' سان وڌيڪ ميل ٿا کائين. 'مدح. 'حمد' يا 'ڀڄن' ۾ مالڪ کي پاڻ تي رحم ڪرڻ لاءِ پرارٿنا، منٿ، ميڙ، نمرتا، آزي نيزاريءَ جو موضوع ڪتب ايندو آهي. 'نظم' اهڙو گهاڙيٽو آهي، جنهن ۾ پنهنجا ڏک درد، غمِ دوران کان وٺي، پنهنجي هر آدمي جي اپٽار ڪري سگهجي ٿي. باقي ان ۾ موضوع اڪثر هڪڙو ئي شامل هوندو آهي. 'گيت' جي لاءِ ڊاڪٽر صفدر آهہ سيتاپوريءَ جي راءِ ئي ڪافي آهي.

'وائي' جي صنف اسان جي سنڌي شاعريءَ جي مقبول عام ۽ گائڪيءَ جي صنف آهي. جنهن لاءِ سنڌ ۾ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ، 'وائي' جو موجد شاهہ عنات رضوي آهي، پر ان کي معراج تي رسائيندڙ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي، پر ميران ٻائيءَ جو هي ڪتاب ڏسڻ سان مان ان راءِ تي اچي بيٺو آهيان، تہ اها صنف ميران جي شاعريءَ ۾ پڻ جام ملي ٿي . هتي مان شاهہ عنات رضوي ۽ شاهہ لطيف جي واين جي مثالن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، تہ ڪيئن ميران ٻائيءَ جي ڀڄنن ۾ وائيءَ جو گهاڙيٽو موجود آهي.





مثال شاهہ عنات رضوي، سر ڪلياڻ، وائي نمبر پهرين:

منهنجي سيد سار لهند، مون کي آهي اميد الله ۾.
سجدي پئي سپرين، زاري زور ڪندو.
مون کي آهي اميد الله ۾.
امت ڪارڻ احمد اچي، پرمل پاڪ پسندو.
مون کي آهي اميد الله ۾.
جڏهن صُورڏڪاءُ ڏيندو، اکيون سچ کڻندو.
مون کي آهي اميد الله ۾.
مُهت ڏيندو مومنين، اتي محمد مير ملندو.
مون کي آهي اميد الله ۾.
نفسي نفسي سڀڪو ڪري، داتا ڏي ڍڪندو.
مون کي آهي اميد الله ۾.
اچي ات، عنات چئي، بديون بخشائيندو.
مون کي آهي اميد الله ۾.

هن وائيءَ سان متي ذڪر ڪيل، ميران ٻائيءَ جي وائي جي ڀيٽ ڪري ڏسجي تہ گهاڙيٽي ۽ موضوع جي لحاظ کان ساڳي پئي ڀاسي، وري شاهہ لطيف جي هيءَ وائي 'سر سامونڊي'، داستان-٣ پڙهو.(١٣)

آيل! ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهن، اُپليو نہ رهي.
ويو وڻجارو اوهري مون کي چاڙهي چيئن.
منهنجو نينهن، اُپليو نہ رهي.
سامونڊين جي سگ کي، رُئان راتو ڏينهن.
منهنجو نينهن، اُپليو نہ رهي.
اُڏوهيءَ جيئن ڏڪڙا، چڙهيا چوٽيءَ سين.
منهنجو نينهن، اُپليو نہ رهي.
گوندر متي چنڊڙي، وريا ولين جيئن.
منهنجو نينهن، اُپليو نہ رهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مادر! پائي مُندبيون، وڃان هاديءَسيئن.
منهنجو نيهن، اَپليو نہ رهي.

ميران ٻائيءَ جي پدن يا پچنن ۾ ٻيون بہ وايون آهن، جي مان ميران جي پڙهندڙن لاءِ ڪجھ وايون هتي ڏيڻ پسند ڪندس. چو تہ هيءَ صرف هڪڙي وائي سندس شاعريءَ ۾ ناهي . مون جيتري شاعري ترجمو ڪئي آهي ، يعني ١٣٠ پچن، انهن ۾ منهنجي خيال سان ڪافي وايون آهن جن مان ڪجھ هيٺيون وايون آهن.(١٣)

سکي! ميري نيند نساني هو.

پيو ڪي پنٿ نهارتسگري، رين وهاني هو.
ميري نيند نساني هو.

سب سکئين مل سيک دئي، مين ايک نہ ماني هو.
ميري نيند نساني هو.

بن ديکي کل نهين پرت، جيا ايسي ٺاني هو.
ميري نيند نساني هو.

انگ ڇين وياکل ڀئي، مک پيو پيو باني هو.
ميري نيند نساني هو.

انتر ويدن ورهہ ڪي، وہ پير نہ جاني هو.
ميري نيند نساني هو.

جيون چاتڪگهن ڪورَٽي، مڇري جمي پاني هو.
ميري نيند نساني هو.

ميرا ويا ڪل برهني، سڌ بڌ بسواني هو.
ميري نيند نساني هو.

وري هڪ ٿورن بندن واري وائي، شاهہ عنات رضوي جي ڏسو. سر جتيسري (١٥)

اڄ گهر، اڄ گهر، ايندا سپرين، ويني ڪانگ اڏايان.
ايهين پانيان.





چرنديمالَ، پروڙيم ڪالهہ، سرتين ڳالھ سٽايان.
ايهين پانيان.
الاهي! عنات چئي، راٽو راتو روءِ رانيان.
ايهين پانيان.
اهڙي وائي شاهہ لطيف وٽ هيئن آهي.
(’سر ڪنيات‘ وائي نمبر-٦) (١٦)

توٽي تڙپين تون، يا الاہ، تو درُ توءِ نہ ڇڏيان.
مون ڪي سو مشاهدو، جي منهن نہ ڏئي مون.
يا الاہ، تو درُ توءِ نہ ڇڏيان.
مون پيا در گهٽا نهاريا، آهين تونهين تون.
يا الاہ، تو درُ توءِ نہ ڇڏيان.

وري ميران ٻائيءَ جي شاعريءَ مان هيءَ وائي ڏسو. پچن ٦٦، ڪتاب ساڳيو.(١٧)

پريو جي، من ماني جب تار.
گهري نديا پراٽي ناؤ، ڪيسي اترون پار.
من ماني جب تار.

ويد پرانا سپ ڪچو ديکي، انت نہ لاگي پار.
من ماني جب تار.

ميرا ڪي پريو گرڌر ناگر، نام نرنتر سار.
من ماني جب تار.

ايئن منهنجي نظر ۾ ميران ٻائيءَ جون، هنن شاعراڻين صنفن ۾ ڪيتريون ئي وايون آهن. اهي سڀ جون سڀ بہ تہ ڳڻائي نہ ٿو سگهان، پر هي ڪجھ مثال ڏيڻ مان منهنجو مقصد هي آهي، تہ شاهہ عنات رضوي ۽ شاهہ لطيف بہ پڪ ئي پڪ اهي وايون يا پچن ڪن ساڌن، سامين، جوڳين، ويراڳين پاران ضرور ٻڌيون هونديون. شاهہ لطيف ڀٽائي تہ راجستاني علائقي ۾ ويو بہ هو ۽ اتي جا ڪيترائي تيرٿ ۽ تڪيا جوڳين ۽ سامين سان گڏجي ڀيٽيا بہ هئائين.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ميران ٻائيءَ جي شاعري يعني سمورا پڇن بہ ڀارت جي رواج پٽاندر ۽ سندس وقت مطابق ’ڇند وِديا‘ تي جوڙيل آهن. اسان هن مقالي ۾ ميران ٻائيءَ جي مثال طور ڏنل پڇن يا اسان جي چوڻ مطابق ’واين‘ ، جو ڇند يا ڇيد ڪرڻ تہ مناسب نہ ٿا سمجهون، تنهن هوندي بہ سندس آخري مثال طور ڏنل وائيءَ جو ڇيد يا ڇند هن ريت ڪري ٿو سگهجي.

گهري نديا، پراني ناؤ، ڪيسي اُترون پار.

سندس هيءَ وائي ’دوهو- ڇند‘ تي آڌاريل آهي، جنهن ۾ ١٣ واڌو ١١ ماترائون آيل آهن.

اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ دادو ديال، شاهہ عنات رضوي ۽ شاهہ لطيف پڻ ’دوهو- ڇند‘ ۽ ’سورٺ – ڇند‘ تي وايون بيهاريون آهن، جنهن جو مثال شاهہ لطيف جي هيءَ وائي پڙهي ڏسو:

يار سڄڻ جي فراق، جيڏيون آءٌ ماري.

هن وائيءَ تي پڻ ساڳيو اطلاق ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح دادو ديال جي هيءَ وائي ڏسو، اها ’سورٺو- ڇند‘ تي لکيل آهي:

ڪو ميڙيندو سڄڻان، سُنهاري سُرت ڪي.

”هيءَ وائي ’سورٺو-ڇند‘ تي آڌاريل آهي، هيءَ ’وائي‘ اصل ۾ ٽہ-پدي آهي ۽ قافيو پهرئين ۽ ٽئين پد ۾ آندو ويو آهي.“

حاصل مقصد تہ اسان وٽ جيڪا اها ڳالهہ عام آهي، تہ شاهہ لطيف خواجہ غلام فريد شڪر گنج وٽان يا شاهہ عنات وٽان وائيءَ جو گهاڙيٽو کنيو آهي. اسان وٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ واقعي وائي پهريون پيرو شاهہ عنات رضويءَ متعارف ڪرائي آهي، پر اها صنف هندوستان يا ڀارت جي خاص راجستان واري علائقي ۾ موجود هئي ۽ اتي جي ٻين شاعرن جي شاعريءَ ۾ ممڪن آهي، تہ اها صنف جيئن جو تيئن موجود هجي ، جيئن ميران ٻائي، شاهہ عنات رضوي ۽ شاهہ لطيف وٽ موجود آهي.





## حوالا


١. سونڌي ايس. ايل، ’ميران – پريم ديواني‘ ، سوامي ست سنگ بياس، ١٩٨١ع، ص: ٣.

٢. ساڳيو، ص: ٣.

٣. ساڳيو، ص: ٣.

٤. ساڳيو، ص: ٥.

٥. ساڳيو، ص: ٦.

٦. ساڳيو، ص: ٨.

٧. ساڳيو، ص: ٢١.

٨. ساڳيو، ص: ٢٢.

٩. ساڳيو، ص: ٣٠.

١٠. ساڳيو، ص: ٣٣.

١١. جعفري، سردار، مرتب: ’ميران ٻائي پريم ديواني‘ ، آج ڪي ڪتابين، ڪراچي،٢٠٠٦ع، ص: ١٦، ١٩.

١٢. ساڳيو، ص: ١٦، ص: ١٩.

١٣. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهہ جو رسالو‘ ، سُر سامونڊي، داستان ٣، وائي ٣، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٥ع، ص: ١٩٧.

١٤. جعفري، سردار، مرتب: ’ميران ٻائي پريم ديواني‘ ، آج ڪي ڪتابين، ڪراچي،٢٠٠٦ع، ص: ٣٧.

١٥. رضوي، شاهہ عنات، سهيڙيندڙ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص: ١، ب ١٩٢٣ع،ص: ١١٨.

١٦. سيد، جي. ايم، ’شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون وايون ۽ ڪافيون‘ ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/ حيدرآباد، ١٩١٩ع، ص: ١٠.

١٧. جعفري، سردار، مرتب: ’ميران ٻائي پريم ديواني‘ ، آج ڪي ڪتابين، ڪراچي،٢٠٠٦ع، ص: ١٥٠.

١٨. پيرزادو عبدالستار، شاهہ لطيف جي وائي ۽ وائيءَ جي اوسر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ٢٠١٥ع،ص:٦٨.